ماهوار

# سُهڻي

ڏي سَپُ سپاجهڙا، پاڃھ نہ ڪَنهن جي وَڏِ؛
تَ اُنهن جا لوھ جا، جن ۾ ڦيرَ نہ ڦِڏَ؛
ِ چا چاڙهين ڏِڏَ، تن جا پَندَ پهاڙَ جا!

١٤ مارچ
جي
جوڌن
کي
سلام



معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سهڻي

مارچ — ١٩٧٢ع

سال: ٽيون    نمبر: ١، ٢، ٣

ايڊيٽر

طارق اشرف

قيمت: ٢-٠٠    سال لاءِ: ١٥-٠٠


**SOHNI** PUBLISHERS    سهڻي پبلشرس

F/45–750 West Kutcha    ايف/٤٥-٧٥٠، ويسٽ ڪچا

Hyderabad, Sind.    حيدرآباد، سنڌ.


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي طرفان.... | طارق اشرف | ٣ |

**پيغام**

| | | |
|---|---|---|
| | قاضي فيض محمد | ٨ |
| | پير حسام الدين راشدي | |

**ڪهاڻي**

| | | |
|---|---|---|
| ڪراچيءَ جا ميزبان | نجم عباسي | ١٣ |

**خط**

| | | |
|---|---|---|
| | شيخ اياز | ٢٨ |

**شعر**

| | | |
|---|---|---|
| نظم | شيخ اياز | ٣٠ |
| گيت | اياز قادري | ٣٩ |
| گيت | بردو سنڌي | ٤٠ |
| نظم | امداد حسيني | ٤١ |
| نظم | فتاح ملڪ | ٤٤ |
| نظم | نثار بزمي | ٤٥ |
| نظم | پير بخش پياسي | ٤٦ |

**مضمون**

| | | |
|---|---|---|
| ٤ — مارچ، ١٩٦٧ | مسعود نوراني | ٤٨ |


(سڀ حق واسطا قائم)

---

سيد سليم شاهه قادري، شاهد پرنٽرس، صدر، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپرايو.
ٽائيٽل، ستي بلاڪ ورڪس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

نؤجوانو!
لطيف سنڌ جو آواز آهي، سنڌ جي جان آهي، سنڌ جو ايمان آهي. ڪيس سمجهو!

ويئي وَرَ نه پون - سُتي ملن نه سپرين
جيڪي رُئن رڙن - ساجن ملي تنکي -

'لطيف' پنهنجي زندگي ۾ حسن ۾ وراهي آهي. هڪ سچيءَ دنيا ڪائنات جي زندگي، ٻيو آهي انساني روح - دنيا ۽ روح کي سينگارڻ لاءِ سچي حياتي ڪم ڪرڻو آهي ۽ ڪم ڪرڻ گهرجي.

تنيءَ ٿڌيءَ ڪاه، ڪانهي ويل وهڻ جي
متان ٿيي ٿي اونده، پير نه پسين ٻرينءَ جو.

پنهنجي زندگي کي، پنهنجي روح کي، سادگيءَ، سچائي، عشق ۽ علم سان سينگاريو. سنڌ کي جيارڻ جو اهوئي تريقو آهي. ٻُرائين کان پاسو ڪريو، اخلاق جا پهاڙ بنجو. شل ڌڻي رحم ڪري!

**قاضي فيض محمد، نوابشاھ**

چوٿين تاريخ مارچ، سڄي سنڌ جي سجاڳيءَ جو پهريون ڏينهن آهي، سنڌ جي نئين نسل رت ڏئي، لٺيون ۽ لوڙهيون جهلي، جيلن جا ڪڙا ۽ ڪلف ڪڙڪائي، سنڌ جي اميدن ڀري صبح جو آغاز ڪيو.

سنڌ ۽ سنڌين لاءِ اهو متبرڪ ڏينهن آهي، يادگار ڏينهن آهي، ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ اهو ڏينهن هڪ خاص باب جو سنهري عنوان ٿيڻ وارو آهي. انهيءَ ڏينهن تي سنڌ جي نئين نسل، پنهنجا حق طلب ڪيا، ٿيندڙ ڌاڌاين زور ۽ زبردستي خلاف آواز اٿاريو ۽ انهن سڀني استبدادي قوتن جي مقابلي ۾ اعلانِ جهاد ڪيو، جن سنڌ ۽ سنڌين کي جائز حقن کان هميشه محروم رکڻ لاءِ سازشون سٽيون هيون!

جيڪا جدوجهد ۴- مارچ تي سنڌ جي غيور فرزندن شروع ڪئي، اها تيسين برابر جاري رهندي، جيسين اهي سڀئي زيادتيون، زبردستيون ۽ نا انصافيون- جيڪي سنڌ مٿان ٿي چڪيون آهن- ختم نه ڪيون وينديون! جيسين ظلم ۽ ڌاڌائيءَ شڪست کائي، حق ۽ انصاف اڳيان ڪنڌ نه نوايو آهي، تيسين سنڌ جي هر سال جو هر هڪ ڏينهن ۴- مارچ آهي!

زنده باد ۴- مارچ!

**پير حسام الدين راشدي، ڪراچي**



**جي - ايم - سيد**

جنهن سڀ کان اڳ سنڌ جي حقن لاءِ تحريڪ هلائي



**شيخ اياز**

جنهنجي شاعريءَ سنڌ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ نيٺ ون- يونٽ ٽوڙائي ڇڏائين



**يوسف لغاري**

۴- مارچ جو هيرو، جنهن آمريت ۽ سامراجيت خلاف سڀ کان اڳ پوري طاقت ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪيو.

**مسعود نوراني**

جيڪو پڻ ۴- مارچ جو هيرو آهي. ۽ جنهن يوسف لغاري ۽ مجيب پيرزادي سان گڏ آمريت ۽ سامراجيت خلاف پوري طاقت سان مقابلو ڪيو.



ڪراچيءَ جا ميزبان

# ڪھاڻي

نجم عباسي



حميد سنڌي

جنهنجي مخزن 'روح رهاڻ' سنڌين
کي سجاڳ ڪيو.



ڪامل راڄپر



يوسف ڏاهر



لالا قادر

توهين سنڌ جي سونهن آهيو،
توهين سنڌ جا سپوت آهيو،
توهان تي سنڌ کي ناز آهي،
جيئي اجرڪ، جيئي پٽڪو، جيئي سنڌ."

هو اهڙي انساهہ ۽ شوق مان ڳالهائي رهيو هو ۽ ايترو خوش ٿي نظر آيو، ۽ اسين هن ساري قصي ڪري منجهي پيا هئاسين ۽ حيران هئاسين، ان ڪري ڪو اکر ئي ڪونہ اڪليو.

ايستائين انٽر ول پوري ٿي، ۽ وري اوندهہ ٿي ويئي. ماڻهو موٽي اچي واپس وهڻ لڳا هئا.

هن ويندي چيو، "چڱو ڀائو، جيئي سنڌ."

هنجي وڃڻ کانپوءِ اسان مان هڪڙي سنگتيءَ چيو، "يار، ڪريو خبر، ڪير همراهہ هو؟"

اسان مان تہ ڪنهن بہ هنکي نہ ٿي ساڃاتو. نہ ڏٺل، نہ ٻڌل.

ٻئي سنگتيءَ شبهو ظاهر ڪيو تہ، "يار، هي ڪو شهري لليجو تہ ڪونهي، متان اسانکي ڀهراڙيءَ جا ڄٽ سمجهي ڪو ٺڳيءَ جو ناهہ رٿيو هجائين."

هنجي اها ڳالهہ مونکي پڻ ڪُسڪي.

ڇوڪرو ڏسڻ ۾ ڪاليجي شاگرد ٿي آيو. بهترين انگريزي ڪپڙا پهريل هئس، پٽيان ڪيارڙيءَ تي وار وڌيل، خط اڌ ڳڃي تائين اڻ ڪوڙيل، رنگ جو پورو، بدن ڀريل.

فلم شروع ٿي ويئي هئي، اسين انجي ڏسڻ ۾ مصروف ٿي وياسين.

فلم پوري ٿيڻ تي هجوم سان گڏ رڙهندا ٻاهر آياسين.

رستي جي ڪناري تي اهو ڇوڪرو، هڪڙي ڪاري پيلي ٽيڪسيءَ جي پرسان، اسانجي انتظار ۾ بيٺو هو. ٽيڪسيءَ جو ڊرائيور، هڪ ٿلهو متارو حبشي اندر ويٺل هو.

اسانکي ڏسي، ڇوڪري جي چهري تي مرڪ ڇانئجي ويئي.

ڏاڍي سِڪَ مان چيائين، "ڀاڻو اچو، وهو تہ اوهانکي اوهانجي گهر پهچائي اچان."

هنجي انهيءَ دعوت تي شايد اسان ٿنهي جي اندر ۾ پنهنجي

اکهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پائي ســچ، آچيندي لڄ مران.“

ڪن رستن تي رڪيل نون نالن ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي چوڻ لڳو: ”سنڌ سڳوريءَ جي شهرن جي رستن، عمارتن ۽ پلين تي اهڙن شخصن جا نالا رکيا ويا آهن، جن جو ڪڏهن به سنڌ ۽ سنڌين سان واسطو نه رهيو، جن ڪڏهن به سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌ وطن واسطي ڪجهه به ڪين ڪيو. سنڌ جي سرزمين تي انهن جو ڪهڙو ڪم؟ ڇا اسانوٽ انهن کان به وڌيڪ عزت ۽ مرتبي واريون، خوبين ۽ خصلتن واريون هستيون موجود ڪين هيون يا ڪين آهن؟ پرڏسجي ٿو ته سنڌ جي هر ڪا چڱي شي انهن جي اکين ۾ ڪنڊو ٿِي ٿي لڳي. هنن جي لاءِ ته اهي شخص به سنڌين کان وڌيڪ عزت جي لائق آهن، جن ساري ڄمار بادشاهي درٻارين ۾ نرڙ گسائيندي ۽ وقت جي حڪومت جي واڪاڻ ۾ گيت ڳائي نڙي خشڪ ڪندي گذاري. هي ته هتي هوندي به آتي جي اوليائن جا عرس ملهائيندا، ۽ گهٽي گهٽيءَ ۾ قواليون ڳائيندا آهن. هنن ڪڏهن به لطيف سائين يا سچل سرمست جو عرس ڪين ملهايو هوندو. هي ته ٻاس ٻاسيندا ته به آتي جي پيرن فقيرن جي، ۽ پوءِ خاص ان مقصد لاءِ هندستان وڃي انهن جي درگاهن تي ٻاسيل نذرانا ڏيندا ۽ خير خيراتون ڪندا.“

هو ڳالهائيندو رهيو. اسانجي دماغ جون دريون کلنديون رهيون، اکيون ڦاٽنديون رهيون. هن ڇوڪري ۾ ايتري ڪڙاڻ ڇو آهي؟ هن ڇا ڇا ڏٺو آهي؟ ۽ ڇا محسوس ڪيو آهي؟ هن کان پڇون ته سهي ته: پاڻڙا تون ڪير آهين؟ اسانکي هي ڳالهيون ڇا لاءِ ٻڌائي رهيو آهين؟

ميري ويدر ٽاور وٽ، اسان ڏي منهن ڪري چيائين، ”يارو، اچا توهان سان گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، هيڏانهن هڪ سنڌيءَ جي هوٽل آهي ۽ دير تائين کليل هوندي آهي. اتي هلي ويهي ٿا چانهه به پيئون ۽ ڪچهري به ڪريون.“

۽ اسانجي جواب جي انتظار ڪانسواءِ ڏي ڊرائيور کي اشارو ڪري، ساڄي پاسي هڪ گهٽيءَ ۾ موٽر موڙڻ لاءِ چيائين. ڊرائيور

ٻاهران انڊين کي آباد ڪيو ويو. اتي پاڪستان جا پلي ۾ ٻلا بنگلا ۽ شاندار عمارتون آهن .... اهي حال آهن انهن ’وڏيرن‘ جا، جي ستايل ۽ مظلوم مهاجر ڪري، ذليل ۽ خالي کيسي هني پهتا هئا...

پين به سيني شهرن ۾ هنن لاءِ ڪالونيون ٺهرائي وسايو ويو آهي. پر اسانجا ٿري، ڪوهستاني، مارو، ميهار ۽ هتان جا اصل رهاڪو صدين کان وٺي اڄ تائين ذڪاريل ۽ ذليل آهن، بي گهر ۽ بي زمين آهن، بيروزگار ۽ بيوس آهن.“

اسانجو گهر اچي ويو. سڀ لهي بيٺاسين. هو اڃا به ڳالهائيند رهيو.

پوءِ ڊرائيور ڏي منهن ڪري چيائين، ”هاڻي هلون.“

”سائين توهانجي مرضي. اڄ سنڌ جي صدقي توهانجي بلي آهيان. سڄي رات هلايو ته به هڪ پيسو نه وٺندس. هي منهنجا به مهمان آهن.“

چوڪري چيو، ”جيئي سنڌ!“

پوءِ اسان مان هرهڪ سان ٻاکر پائي موڪلايائين.

موٽر چالو ٿيڻ تي چيائين، ”چڱو ٻاڙو، هاڻي جيئي سنڌ!“

اسانکان پهريون ئي دفعو، هڪ ئي وقت ٿنهي جي واتان ان نعري جو جواب نڪتو: ”سدا جيئي!“ جو ته اسانجا سڀ شڪ دور ٿي چڪا هئا، هنجي روش جي باري ۾، ۽ سنڌ ۽ سنڌين جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي باري ۾، هر قسم جا شڪ.

---

!

انجمن مهاجرين مشرقي پاڪستان جي صدر سلمان عثماني چيو آهي ته: اوڀر پاڪستان ۾ بهارين جو تعداد فقط ٥ لک آهي.

(’مشرق‘ اخبار، ٢٢- فيبروري ١٩٧٢)

▲ ڪلهه تائين اوهانجي اردو اخبارن ۽ اوهانجي ليڊرن پئي چيو ته: بنگال ديش ۾ ٥٠ لک بهارين جي جان خطري ۾ آهي، پر جڏهن کان سنڌين چيو آهي ته: اسين سنڌ ۾ بهارين کي اچڻ نه ڏينداسين، ته اوهان پڙ ٽي (٠) غائب ڪري ڇڏي! ڪجهه به ڪريو، بهارين کي سنڌ ۾ اچڻ نه ڏينداسين.

!

پاڪستان مسلم ليگ (ڪنوينشن) جي جنرل سيڪريٽري ملڪ محمد قاسم وزارت خارجه جي سيڪريٽري سلطان محمد خان جي بيان تي اعتراض ڪندي چيو: مُلڪ جي متعلق اهم فيصلن کي وزارت خارجه جي سيڪريٽري جي ذاتي رحم ۽ ڪرم تي نه ڇڏجي. اسين پوڻان چويهه سال نوڪرشاهيءَ جي حڪمراني جي ڇڳي سزا ڀوڳي چڪا آهيون.

('جنگ' اخبار، ۲۴- فيبروري ۱۹۷۲)

▲ جناب قاسم صاحب، اوهانکي مٿيون بيان ڏيندي شايد اِهو وسري ويو: ته انهن چوويهن سالن ۾ حڪومت اوهان مسلم ليگ وارن ڪئي، يا اوهانجي ڇاڙتن ڪئي. 'بيورو ڪرسي' جي لعنت اوهانجي ئي سربراهه ايوب خان شروع ڪئي هئي.

!

'مهاجر، پنجابي، پٺاڻ' محاذ جي ليڊر نواب مظفر چيو آهي ته: سنڌ تي اسانجو به ايترو حق آهي، جيترو سنڌ جي اصلي رهاڪوئن جو.

('جنگ' اخبار، ۲۵- فيبروري ۱۹۷۲)

▲ واقعي نواب صاحب، اوهانکي حق آهي ته اوهين سنڌ جو کائي، سنڌوءَ جو پاڻي پي، سنڌ ۾ رهي، سنڌ جا دشمن ٿيو. ۽ سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪريو.

!

لاهور ۾، 'پنجابي يوٿ موومينٽ' خبردار ڪيو آهي ته: جيڪڏهن 'بهارين' کي پنجاب ۾ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته پوري طاقت سان انهيءَ جي روڪ ڪبي.

▲ پنجابي يوٿ موومينٽ، اسين ته اِهو چئون ٿا ته: بهارين کي پاڪستان ۾ ئي نه اچڻ ڏجي. پر آهي پنجابي، جن پنجاب ڇڏي اچي سنڌ جي زمين تي قبضو ڪيو آهي. انهن جي باري ۾ اوهانجو ڪهڙو رايو آهي؟

نـظـم
گـيـت
گـيـت
نـظـم، هورو
نـظـم
نـظـم
نـظـم

# شـعـر

شيخ اياز
اياز قادري
بردو سنڌي
إمداد حسيني
فتاح ملڪ
نثار بزمي
پير بخش پياسی

۲۳-۲-۲۷ع

سکر

۲۱ فيبروري ۷۲ع

پيارا طارق،

سهڻيءَ جو نئون پرچو ۽ تنهنجو خط مليو. ايڊيٽوريل ۾ تنهنجي سياسي شعور جي پختگي، صاف گوئي ۽ حب‌الوطني ڏسي، ڏاڍي خوشي ٿي، سنڌي ادب سان توکي اڳ ئي آڳير هُئي ، ۽ جڏهن کان تون سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي رهيو آهين، تڏهن کان تنهنجي سچائي ۾ بي ڊپائي ڏسي، مُنهنجي دل ۾ تو لاءِ اڳي کان ٻه عزت وڌي وئي آهي.

تو مون لاءِ جو ڪُجهه لکيو آهي ، ان لاءِ مان تنهنجو احسان مند آهيان . دراصل اِهو تنهنجي ذاتي محبت جو نتيجو آهي ۽ مان ايتريءَ تحسين جو مستحق نه آهيان. هن وقت مُنهنجي سنڌ سان وحدت‌الوجود واري ڪيفيت آهي. مون جيڪي سنڌ لاءِ ڪيو آهي، ڄڻ پنهنجي لاءِ ڪيو آهي. مون جيل کان ٻاهر رهي ٻه پاڻ کي جيل ۾ سمجهيو آهي ؛ جنهن وقت ٻه سنڌ کي لتاڙيو ، چيپاٽيو ويو آهي، مونکي ائين محسوس ٿيو آهي ته مُنهنجا هڏ پيسجي رهيا آهن،

مُنهنجو سارو وجود ڪنهن راڪاس جي لتڙ هيٺ آهي. سنڌ جي پوري تاريخ ۽ تقدير منهنجي تَس تَس ۾ رچي چڪي آهي: مان ائين محسوس ڪري رهيو آهيان ته ڄڻ مونکي ٿي 'مدد خان' ڪُٺو هو ۽ 'خلجيءَ' جو خنجر مُنهنجي ئي سيني ۾ ڪُتو هو، دودي جو ته فقط نالو آهي. مون پنهنجي پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن تي به احسان نه ڪيو آهي، ڇو ته مان پنهنجي پاڻکي پائي ٿي ٽڏهن ٿو سگهان، جڏهن سنڌ پنهنجي پاڻکي پائي سگهي. جي سنڌ پائينده آهي، ته مُنهنجي مٽي پائينده آهي. مُنهنجو نانءُ ڪهڙي شيءِ آهي! مون ڪانپوءِ ٻيا به ڪيئي شاعر ايندا، ساڳيءَ مٽيءَ مان مهڪار اُٿندي ۽ گُلي گُلي گيتَ ٿي ويندي. سنڌ سان وحدانيت جي احساس مونکي مُنهنجي نجاتَ بخشي آهي، مان مرڻ ڪان اڳ امر ٿي چُڪو آهيان. مان ڪنهن به اُجوري جو نه طلبگار آهيان ۽ نه حقدار آهيان. ڇو ته مون سارو پورهيو پنهنجي پاڻ لاءِ ڪيو آهي ۽ ساري پيڙا پنهنجي پاڻکي بچائڻ لاءِ سٺي آهي.

مون ساهيوال جيل ۾ به سؤ صفحا ڊائري لکي هئي، جنهنکي اڄ ڪلهه ترتيب ڏئي رهيو آهيان، جي تون آها سهڻيءَ ۾ قسطوار ڏيڻ چاهين، ته آها توکي موڪلڻ لاءِ تيار آهيان. هن ڀيري مون جيل ۾ ڊائري نه لکي، ڇو ته مان شاعري جي ڏُن ۾ هوس ۽ 'رشيد ڀٽي' روزاني ڊائري لکي رهيو هو. ڀٽيءَ اٽڪل ستَ سؤ صفحا ڊائري لکي آهي، جا موجوده دؤر جو هڪ بي مثال سياسي ۽ ادبي دستاويز آهي. تون هنکي همٿاءِ ۽ اُن کي ترتيب ڏئي. اڄ ڪلهه هو ڪنهن عجيب بيزاريءَ جي ڪيفيت مان گُذري رهيو آهي.

سڪ سان،
تنهنجو پنهنجو
ايـاز

شيخ اياز

# ڪراچيءَ جا ڪن

پڻُ جُهڻُ ڪَن ٿا رات جو روزُ ڪَراچيءَ ڪَنّ
ڪَنديءَ ڪيڏي سُنّ ڪيڏو شَورُ سَمونڊ ۾!

ڇڄني ۽ مٿان چنڊ موهي ماڻهو هينئڙو
سمي، پيو سونهن سان ميل کان ٻاهر منڊ
اندر جيئڻ جنڊ، پينهين پورهيت هڏ ڳاه.

مزدورن ميل پاهران ڪئي جو هڙتال
لئيون وٺيون مينهن جان ڪريا ڌرتي ۽ لال
ڪيا ڪجهه سوال، مون کي گهوري گورڪي ۽،

مون کي گهوري گورڪي ۽ ڪئي ڪجهه هئن ٻات:
"ٻکَ" ڏئي وٺا ٻاک کي ڪيئي، ڏاها ڏات
ڪيئي چمڪيا سج جان ڪٽي ڪاري رات
پر جن ڪاڏي مات، جن ڪيا جڳ جي جيت هم.

جن ڪين جڳ جي جيت هم اهڙي ڪائي ٻات!
ڏک ورهائي ڏيهه سان تنهنجي ڏکي ڏات،
ٻي سڀ جيت ٻه مات، چارڻ تنهنجي چنگ جي."

آءُ اوهان سان آهيان ڏکي انسانو!
جيسين ڌڻي ڏير تي ظالم زمانو،
ڪوندر ڪسانو، پيڙهيون پيڙيل پورهيتو!

آءُ اوهان سان آهيان راڳي رتو چاڻ
آهي اوهان ڪاڻ، مون کي ڪلهي ڪينرو.

آءُ اوهان سان آهيان جيسين ٿئي جيت
هان هي منهنجا گيت، منهنجو پگهر پورهيو!

---

اکيون ڪاڙهيون چوُر جان، سوچي ٿو ڪجهه سيٺ
چا ٿو ڏسي هيٺ، وسڪي ۽ وچ گلاس هم؟

وِسڪيءَ وِچ، گِلاسَ ۾ مٽئو، سائو، ريشمي—
هُري ڏسو هاتار (١) ۾ ٻيرو ٻاندر ويس،
بيٺو چئي ڪيس، "سوڍا گهرجي سيٺ جي؟"

وِسڪيءَ وِچ، گِلاسَ ۾ ڪاري ناٿي ديس،
ڪوڙا ڪيس، عدالتون، واپارين سان وير،
وَڍيءَ (٢) آچ، انڌير، ڍَڍيءَ نوٽن ڳوٺريون.

وِسڪيءَ وِچ، گِلاسَ ۾ ڪائي سُندر نار،
آئي هُن جي ڪار ۾ بيهي وِچ بزار،
چئبا سَو ٻه چار، پنجين سودو ٿامبو.

وِسڪيءَ وِچ، گِلاسَ ۾ ڪيتي ڪانيا واڙ!
اُتر اکين نير سان لهو لهو لاڙ،
مارڙي، آيو نيراڙ، پنهنجي هڏن ديرتي!

ڪُمتي ڪلائيو (٣) کي هيءَ نه هٿي ڪتر،
چڙي ويندو ايترا پيڙهين لڳ پونير،
لُٽيي، ڪارڙ، ڪتر جي ڍاڪين ٿڙڪندا.

اُٿ اي ڪُتا نيپئر (٤) پنهنجا پونير پُٽس!
گورا توني جنس، ڪارا چٽيءَ ڪيترا!
جي هُوَ ڪاٽينا (٥) ڪتي جي هُن ۾ گر ڪڻ (٦)
ڪُتي چئجي هيترو (اهڙو ڪو چڙ پڻ)
"افسر هئين چٽڻ، ڪُتا اکينءَ جهڙن ۾."

(١) هاتار- چراخ (٢) وَڍي- رشوت (٣) ڪلائيو- ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو فوجي جنرل (٤) نيپئر- انگريز فوجي ڪمانڊر جنهن ميرن کي مياڻيءَ جي جنگ ۾ شڪست ڏني هئي (٥) ڪاٽينا- ڪتي جا ڏند (٦) گر ڪڻ- ڪتي جو آواز ڪرڻ.

باٿ بندر روڊَ تي سانجهيءَ ويرَ هَشامَ
اينگهي تي انگريز جي اچا تاڻين تِرامَ
جهرمِرِ جهرمِرِ شامَ، ماڻهو پاچا موت جا.

جهرمِرِ جهرمِرِ شامَ، ماڻهو پاچا موتَ جا
آندُر پُري (١) ايلفي (٢) لنبي ٽانگر لامَ
ڏسَن روزُ هَشامَ، شيشا هَر شو ڪيسَ جا.

اونهي اوندهہ لحد جي اندرِ ماڻهوءَ هانوَ
ٻاهر ناتا، نانوَ، جَڙَّ نہ ڪائي جيءَ جي

جهرمِر جهرمِر شهر ۾ ڪيڏو اندوڪارُ!
جَڙُ ڪو زنده لاشُ آ ڪيرو پيڏو، پارَ
ٻاهَر نَٽَ هَزارُ، پَڳَل نِڪَر هينٽرا!

جهرمر جهرمر شهر ۾ پَرجهي پيڙَ نهارِ
اوندهہ آهي آپارِ، جيڏا هرڪنهن جيءَ ۾!

ماڻهو پاچا موتَ جا جهرمرِ ريسٽورانَ
آڪَّ نہ مون اهڙا ڏِٺا اجايا انسانَ
نسورا نادانَ، پيڙ لنوائين پيٽَ ۾.

پڪن ڌا سَپُ پيڙَ ۾ اڪيلا انسانَ
جَڙوُن ڪِپي جيءَ جون نسورا نادانَ
نِڪو اچ طوفانَ، ڪَڪَّ آڏامَن واءُ ۾!

جَڙوُن پنهنجي جيءَ جون ڪَپي آيا پانَ
ٻاهر جهرمر بنگلا اندر پينگا پانَ،
مدائيءَ جا مانَ، نوڪر چاڪر موتِرون

---

(١) اِندُر پُري - راجا اندر جو شهر
(٢) ايلفي - ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ

وڃائي پرڀات ۾ جهرمر جهرمر شهر
اڃا ڪيڏو زَهر اوتي پيو اوت ۾!

ووءِ ڪَراچي ڪاميٽي، تُنهنجو سَهج سياءُ!
ڏيندي ٻيڪ ڪجي وئينءَ ڀَيڻهَ ڪونه سماءُ،
مونکي تُنهنجو ڳهاءُ، جٽاٿوءِ (١) جڻ جيءَ ۾!

---

ڊيزل دُونهون ٻَسَتَن جو، چَندُ، ڪَراچيءَ رات ۾
رڪشا روڪي ويشيا سوچي ڳاهڪ ڳهات ۾
ڪَيفي...شاعِرُ... بات...ڪافيءَ ڪوپ ۾مشاعِرو.

ڪالهه عُمر خيّام جيئو تڪيندي تارَن،
"ماڻهو سَڀُ ڪيڏا وڻا نو َڙي تَتَّ هتَن" *
هونءَ تہ ان تي پروسو شايدئي ڪي ڪَن،
جيسين هيل ڏِسَن، شاعر مُنهنجي مُلڪ جا!

هُو غالب جو هم وطن وتي ڏيدُ هزارُ
ويٺو وچِ مُشاعِري جهونو نمڪ خوارُ،
ڏِسُ ڪيڏي بيدادِ ۾ دادُ ڳهري تو يار!
آءَ، ٻٽائيءَ بارُ، ڪاريون راتيون قيد جون!

آءَ، ٻٽائيءَ بار، ڪاريون راتيون قيد جون،
جن ۾ سَپنا سِندُ جا، وايون ميگهہ مَلارُ،
ڪيان ڪوهہ شُمار، مون ڪي مُلهہ ميلي چُڪو!

سَپنو ساڀيا تي وڃي اهڙو ڪوئي مُلُ
پُنيان جيجَّ مَ چُل ڏات! ڪڏهن تون ڏيهہ ۾

---

(١) جٽائو - اهو ساهوارو، جنهن راوڻ جو مقابلو ڪيو هو، جنهن وقت هن سيتا کي کنيو هو ۽ جنهن کي ڳهائي راوڻ سيتا کڻي ويو هو.

* ما لعبت گانيم و فلک لعبت باز - 'عمر خيّام'

هُو سَڀ لينن واد. جي ڪَنن ۾ ڪِيڙا
هو چِـا چاڙن سِندُ جا آڏيءَ اوسيئڙا،
پيڙهين جي پيڙا، ڪوٺ، ڪَڙا ۽ ماروئڙن!

ڳاڙها ڳيرو سِندَ. جا تون ڏي منهنجو خوابُ
تون ئي آهه جوابُ صدين جي سوال جو.

آءُ پنائيءَ پٽ تي ڳاڙهو جهنڊو ڪوڙ!
جي چاهين ريتو ٿيان پنهنجو رت ۽ لوڙ،
جايون آنهي جوڙ، جتي جڙون جيءَ جڙون!

---

تَڪَرَ پرسان ٽڪري جهُنا جي. آهي-
ڪيڏو وينا موڙڪو! چاڙ- اوهـان ناهي
لاوا تي ناهي، جوالا پنهنجي جيءَ ۾

آهه جوالا جوءِ ۾ هي حوئـا خانو-
ڪَتِنُو، ڪيڏو، خوش ٿيو انڌا انسانو،
جيسين نادانو، لاوا ڦاٽي ڦاٽ سان!

آيري ايندا اوچتو هو ڏرتيءَ جا لال،
آءٌ ڏسان ٿو پڙنءِ تي ايندا جي پڙنچال؛
ماٺهو، مڏيون، مال، ڏاهي هٿندا ڍير ۾.

آءٌ ڏسان ٿو پونءِ تي آجُ ٻـ سو انسانُ
آيري ايندو ٻاڪ سان جيڪو سج سمانُ
ناهي تيرُ ٻه ڪمانُ، ڳهلا انهيءَ ڳالهه ۾.

شيخ اياز

# تون ڇا ڄاڻين اوپرا

مارُوءَ مُنهنجيءَ ٻِڙنءَ جا ڏاڙهيءَ ٻيپا ٻاڪَ
شال نه ٽڪي اوپرو هــي جو ڍوڍو ساڳَ
آونگ لاهــي آڳــ، وِچَرِ ورهائن پاٽَرِ ٻه.

تــون نــه ڏٺــي آ اوپرا لوڻڙ يارن لوءِ،
جيسين ڪَنڌَ نه ڪَپَجي ڇڏن جُوءِ نه جُوءِ
ويجهو وَڃُ مُروءِ، تن ڏي آڏيءَ آڪ سان!

تون نــه ڏٺي آ اوپــرا ڪَنڌَ ڪهاڙيءَ راندِ
وڏا وِيــرَ مليرَ جــا ٽــوڙي باندي باندِ؛
شــال هُجي هيڪاندِ، گڏجن جــانثا جيئڙا!

تــون ڇــا ڄاڻين اوپرا گهوڙن گاڙها گهوٽ
جن نه براڻي پيءَ ڪان منجهان آرڻ (١) موٽ،
رکــي ڪَچيءَ ڪوٽ، ڍارڻي ڪيڏون ڍَٽ ٻه.

تــون ڇـا ڄاڻين اوپــرا تن جــي لوڏيءَ لَڄَ
هي جي مُنهنجون ماريون مُنهنجيءَ ڏرتيءَ ڏَڄَ
ڇَٽي پنهنجا ڇَڄَ، آنءُ آجــارن بــاڪ ٻه.

تون ڇــا ڄاڻين اوپرا مَوَر نــه منهنجا ميٽ!
صدين چمڪي سِجَ ڪان سَرس پِتاڻيءَ پيٽ!
جهڙي ڪتيءَ ڇيٽ، تهڙي آرهڙ ڏينهڙين.

تــون ڇــا ڄاڻين اوپــرا ٿر جــي ولهڙ تَڏِ
ٿُنهنجي سوچيل سُرڳ ڪان مُنهنجي وستي وَڏِ؛
مُنهنجيءَ ڪُنيءَ رَڌِ، جي تون سائون؟ چکئين!

---

(١) آرڻ - جنگ جو ميدان

تون ڇا ڄاڻين ابرا منهنجي ڇيڙ جاتِ (١)
ماءِ ڏيئن ٿي صبح جو مهڪي ٿي ها مات!
هي جا منهنجي جاتِ، تنهنجا ڪارڻ ڪيترا.

تون ڇا ڄاڻين اوبرا ڳنڍيون جي ڳنڍيرِ
منهنجي ملڪ مليرِ ڳجهه پريان جي ڳالهڙي

## شال م پسو پونيرو

مون کي منهنجي چنگ، ڪاڙهر حڻن ڪاليو
مون جئن آئيل انگ، شال م پسو پونيرو!

آءُ نه منيران آڌ، آءُ نه سنيران آسيرو
مون جئن ڏرنگر ڏاڍ، شال م پسو پونيرو!

مون جان ڪيو پير، سڄُ هٽي وڃو لاٽي
مون جئن واريءَ وير، شال م پسو پونيرو!

پيءُ گهوري بتڪ کي چڻ ڪوئي راڪاس
مون تي جو آڪاس، شال م پسو پونيرو!

روڳي راتيون ڏينهڙا پل پل صدين پُونه
مون پيرين جا پونه، شال م پسو پونيرو!

شال نه روئي رتّ، ڪوبه سپائي ڏيهه ۾
مون جئن پاڳي پتّ، شال م پسو پونيرو!

شال سپائي ٿي رهو اڄوڪا، آزاد
مون جئن مادر زاد، ڏکّ م پسو پونيرو!

---

(١) جاتِ - سفر

اياز قادري

# شاگرد

## (۴ مارچ جي ياد ۾)

ڪوپا ڪوڏ مان ڪاهي هليا،
سورهيه جي ساٿيهه جا.

نعرا هڻندا، حق حسا هلندا،
گهوٽ گهوڙي چڙهندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

وڙهندا وڙندا، ڪين ڪي هٽندا،
ملڪ مٿان مرندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

ويندا ويرين سامهون،
وڄ جان وار ڪندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

رڻ رنگيندا رت سان،
مانجهي جڏهن مچندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

موت جي منهن ۾ مڙس ٿي ويندا،
گل مثل ترڙندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

گهاءَ ڪان گهاتو ڪين ڪي ڊڄندا،
سر سيني سهندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

سانگ نه رکندا سودا سر جو،
سوڀون سڀ ڪٽندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

ڪاٽ ڏاڍن جا اوچا،
سنگهن جيئن لڙندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

دائم قائم نالا تن جا،
جوت جيان جلندا، الا؛
سورهيه جي ساٿيهه جا.

اِمداد حسيني

# سينڌ جي مٽي

## (٤ مارچ جي ڏينهن تي)

سنڌڙيءَ جي مِٽي به مٿاهن لهڻي
هيءَ مِٽي سينڌ جي مِٽي آهي
سينڌ جيڪا سِڌي گهِٽي آهي
منزلن ڏانهن ڏس وچي پيئي
روشنيءَ ڏانهن ڏس وچي پيئي
زندگيءَ ڏانهن ڏس وچي پيئي
ڪنهبي رَتڙي مِٽيءَ جو تِلڪ ڏئي
جاگهِٽي قتل گاهہ ڪان ٿيندي
دور تائين وچي رهي آهي
آتہ اِن راهہ تي اسين بہ رمون
سنڌ جيئي سدا جئي چوندا
آ تہ اِن قتل گاهہ ڪان ٿيندا
هڪ نئين صبح جي سَوَاڪت لاءِ
سِر تِريءَ تي رکي هٿليا تہ هلون

## ٤ مارچ لاءِ لکيل ڪجهہ سٽون

(١)

منهنجي پالهي پانڌَ ۾
هيءَ بہ هن ڌرتيءَ جو دانُ
هن ڌرتيءَ تان منهنجا پُٽ قربانُ
”ڏاتارُ، ڌميسر ۽ مهرانُ“

(٢)

ڏيئا ڏيئا ڏيهه سڄو ڙي

ڏيئا ڏيئا ڏيهه

دل دل روشنين جو دريا

آنت نه ڪوئي ڇيهه

(٣)

ٿورڙو پير ڪي اُچت ڪن نون

ٿورڙو وِڪ ڪي وڌائي رک

ڏينهن آهي هيتان ته ميل پري

اکڙين جا ڏيا جلائي رک

## ٤ مارچ جي جوڙن دودن جي شان ۾

کهڙو گهوٽ چڙهيو آ گهوڙي

ڌرتي لال ڪنوار بڻي آ

گهوٽ سورو ڳاڙهو ڳاڙهو آهي

تارن جي ڇا ڇانت آ

ريتي رت جا سونا سيڪا

گهٽي گهٽي گلزار بڻي آ

دودي جوڌي من ٿي من ۾

آهي کهڙي ڳالهه ڳٺي آ

چنڊ جڳن ڪان هن گهڙيءَ لئي

ڪن ڪن گهڙي گهڙي ڳڻي آ

اکيون ادل جون هرن مشالا

هن ڌرتيءَ جو ڏاج ڏٺي آ

ريتي رت جو تلڪ نرڙ تي

سنڌڙيءَ ماءُ جي پير پٽي آ

# مـــورو

مورو ناهي ٿورو ڙي رائل،
مورو ويٺي ڏيانءِ!

جبل مٿي جهڪ
لنگهيا لتاڙي لڪ

جبل مٿي جهنگ
روح رڇي ويا رنگ

جبل مٿي جهل
هوڪا آهن هل

جبل تي جاجوت
چلڪي چنيءَ پوت

جبل تي چولان
جاڳيا جنگ جوان

جبل مٿي جنڊ
کير ملي وٺي کنڊ

جبل مٿي جهل
مڙيا نه مانجهي مل

جبل مٿي جهوم
ماڙيءَ ماڙيءَ ڏوم

جبل مٿي جاڻ
راڻا موسل ماڻ

جبل مٿي جوٽ
... پر ... ڙا گهوٽ

جبل تي جي جهير
سنڌي ماڻهو وير

جبل تي جا جيهج
اُيريا سهسين سج

جبل جي تان چوٽي
ڪينوڻ نه آهي ڪوٽي

جبل مٿي جيل
ليشق پهتا ميل

مورو ويٺي ڏيانه ڙي رائل،
مورو ناهي ٿورو!

فتاح ملڪ

# اَڄ مارچ مهينو آيو آ

اي سنڌو تنهنجي ڪنڌيءَ تي اڄ مارچ مهينو آيو آ
تون پنهنجو پيارو پاند ته ڏس ڇا ڇا نه ڦڳڻ ڦاهاريو آ

ڪلهه منڊ مڙيوئي ساڳيءَ ۾ ڪنهن ڪُڪ ۾ ڪان وهايو هو
ڇا ڪانئر ڇاتو ڪانيءَ سان ڪنهن واءَ ورق ورايو آ

جن سيرن سور صدين جا ها تن ممتا مورک ڪانه هئي
تن جيءَ جنجهوڙي ڇَمرَ ڏنو جن مرڪي ڪنڌ ڪپايو آ

اي جوڏي، توکي جس هجي ڇا ڇا نه قصا تي ڪَنهاڪي
ڇا مڪليءَ ۾ ڇا مياڻيءَ ۾ تو هوشو هنج وهاريو آ

ڇا ٻاجهارن جي ٻوليءَ لئه ڇا گوندر جن جي جهولي لئه
تو سيني اندر سمنڊ رکي ڇا ڇَپ ۾ سان ڇنگ ڇلايو آ

ڪي ٻالڪ تنهنجي ٻاجهه ڏسي ٿا ڳاڙها اجرڪ آڇ ڪرن
تن ور ور پنهنجي وَڏَ وجهي هي ڳاڙهو جهنڊو ٽاهيو آ

ڏس منڊ بهارن واريءَ ۾ اڄ ٻُور انبن ۾ اوڪو ٽيو
ٽي گهاگهر ڇلڪي ڇوريءَ جي ڪو گل گلابي آيو آ

اي دوست ڏسي ڇڏ ساموهون ٻي ڇا مرڪي ويٺي لعل ڪنوار
سا ٻرهه جو جهولو جهولي ٿي ڪنهن گيت نئون ڪو ڳايو آ

ڇا ڇوڪر ڇوڪر مستي آ ڇڄ موڪي مَٿڏ وڪامي ويو
اَڄ آزاديءَ جي سونهن سٽي ڇا هرڪنهن نيڻ خماريو آ

ڏس هرڪنهن ڏاتا ڇمڪن ٿا ۽ گيت ڇپن تي ڇهڪن ٿا
اي سنڌ جا دشمن دُور رهو اَڄ مارچ مهينو آيو آ

نثار بزمي

## ٤- مارچ

هي ڏينهن هو ظلم ڪمائڻ جو
هي ڏينهن هو خون وهائڻ جو
ڪڙڪاٽ ٿيا
چڪاٽ ٿيا
جڻ حشر جو عالم برپا هو
ڪي شير هئا
شه-زور هئا
جن حق حقيقت خاطر
پنهنجن سينن کي سينگاريو پئي
جن پنهنجي عزت عظمت لئه
هن جڳ کي بس! جرڪايو پئي
هي ڏينهن هو ڏاڍ ڏڪائڻ جو
هي ڏينهن هو مان وڌائڻ جو
هن ڏينهن تي گلڙا جهولن ۾ طوفانن سان
ٽڪرايا ها
ڪي خون جا ليڪا ڦول بڻيا
ڪي خون لهرون ساگر بڻجي
ڇوليندي سنسار رهيون
هن ڏينهن تي ڳاڙهي لاٽ ٻري
جنهن روشن سارو ڏيهه ڪيو
هي ڏينهن هو ڪنڌ ڪٽائڻ جو
هي ڏينهن هو رنگ رچائڻ جو
هن ڏينهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي
هي ڏينهن هو منزل ماڻڻ جو
هي ڏينهن هو ڦيرو آڻڻ جو
جڻ حشر جو عالم برپا هو

پير بخش پياسي

# نظم

تنهنجي سيني تي سنگينن
گولين جي برسي برسات،
باه جا شعلا تجلا بڻيا
ڏينهن ٿيو ڪر، ٿي وئي رات.

جاڳي جنتا ديس جي تنهنجي
آءُ جو چڻ ٿي ويو موت،
ڪچونءِ وانگر ريڙهيون پائي
پاڻيءَ پيو، چڻ ٿي ويو فوت.

سنڌو ساگر ڪنڌيءَ پنهنجي
هيرَ تو پختا ڪوڙي ڇڏيا،
لٺين جي ڪڙڪات تو وچهر
جان ڏيئي سرَ ڦوڙي ڇڏيا.

ظلم سٽلو جنهن ويلي هو تو
روشن صبح سحر پٽي جاڳي،
مکڙيون مُرڪيون ڪليون ڪِڙيون
گلشن ۾ چڻ ٻهر پٽي جاڳي.

تنهنجي رت جي رنتا سان اڄ
آزاديءَ جي جرڪي جوت،
جيت امر وئي تنهنجي بڻجي
پرزا رهزن جو ٿيو بوت.

سورج جي سونهري ڪرڻن
ني آ ڪنول ڪومائل جاڳيو،
ڪوٺيءَ گل اڄ خوشبوءِ ڇانئي
ڪينجهر ماڻيو مان آ ساڳيو.

طوق گلي زنجير هٿا تو
زور بازوءَ تن ٽوڙي ڇڏيو،
عزم همت ۽ طاقت سان رخ
طوفانن جو موڙي ڇڏيو.

تنهنجي هٿ ۾ جا آ مشعل
تنهن جو گهوٽ پٽائي نگهبان،
ڏون ئي سنڌ جي امرت ڌارا
تنهنجو آ سيو هاڻي نگهبان.

ديس لاءِ سڀڪجهه پنهنجو ڏيئي
اوچو جڳ ۾ نام ڪيو تو،
چوٿين مارچ سورهيه سنڌ جا
ساري سنڌ سلام ڪيو تو.

۴- مارچ، ۱۹۶۷

# مضمون

مسعود نورانی

**مسعود نورائي**

# ۴- مـــارچ ۱۹٦۷ع

## انتساب

ان وفادار ’ڪتي‘ جي نالي، جنهن سچا سارا پنج ڏينهن ’مسرور‘ ڪمشنر جو ڀروپ پرڻ برداشت ڪيو. ٽن ڏينهن تائين شاگردن جون ٺڪون، ٺُڪا، لعنتون، لتون ۽ گاريون وڏي ڪشاده دلي سان سهندو رهيو. چوٿين ڏينهن، ڪمشنر جي ڀروپ پرڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿيو. ان سنگين ڏوهه جي سزا ۾، ٻن ڏينهن تائين پوليس لاڪپ ۾ بند رهيو، ۽ ساڳئي جرم جي سزا لوڙهيندي، گوليءَ جو شڪار ٿيو.

سڙڻ لاءِ اڇلائي ڇڏيو.

ظاهر ۾، ٤- مارچ، ڏکڻ مٿي ڦريل شاگردن ۽ هڪ مغرور ۽ اقتدار جي نشي ۾ بدل ڪمشنر جي باهمي تصادم جو داستان آهي، پر حقيقت ۾ جيئن ته مسرور ڪمشنر ان وقت ايوان شاهي، آفيسر شاهي ۽ سامراجيت ۽ آمريت جو هڪ مکيه ڇاڙتو هو، تنهنڪري انهن دلير شاگردن اڻ سڌيءَ طرح ايوب شاهيءَ آمريت ۽ آفيسر شاهي سامراجيت ۽ ظالم جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو، اها هڪ وڏي دليري هئي، ۽ فيلڊ مارشل ايوب خان خلاف سڄي ملڪ ۾ پهرين موثر تحريڪ هئي. ان ڪري ٤- مارچ جي تاريخي حيثيت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هنن ايوب شاهيءَ جي چين کان به مضبوط ديوار کي هڪ زور دار ٽڪر هڻي، سيني کان اڳ، ان ديوار ۾ ڏرڙ وجهي ڇڏيا هئا. اهي ساڳيائي شاگرد هئا، جن جي جسمن تي، جڏهن استبداد جون لٺيون پيون، ته هن جون اکيون کلي پيون. جنهن ڪانپوءِ، سڄي سنڌ ۾ زلزلو اچي ويو. هنن سڄي سنڌ جي عوام کي احساس ڏياريو، ته سنڌ صوبو، صوبائي استحصال جي اونهي ۽ هيبتناڪ غار ۾ ڪرندو پيو وڃي. آتو ۽ ان صوبائي استحصال جي قيد خاني کي ٽوڙي ڇڏيو. هنن نه فقط ون يونٽ ٽوڙڻ جو عزم ڪيو، پر هو وڏيرا شاهي، زميندار شاهي، جاگيرداري، سرمائيداريءَ جي خلاف طوفان بنجي اٿيا ۽ سڄي سنڌ جي افق تي ڇانئجي ويا. ٤- مارچ تي قومي ۽ عوامي انقلاب جي سج جو پهريون ترورو سنڌ جي پٽ تي پيو. جلدئي اها روشني چوڌاري پکڙجي ويئي ۽ گهاٽي انڌيري جو سينو چيرجي پيو، بيداريءَ جي هڪ لهر آئي، جيڪا اٿندي ئي آئي، هڪ سيلاب هو، جيڪو سنڌ جي ٻچي ٻچي کي ٻنهنجي تکي وهڪ ۾ وهائيندو ويو. ٤- مارچ، سنڌ جي **يوم مئي** آهي. مئي جي پهرين تاريخ، شڪاگو ۾ مزدورن تي گوليون هلائي انهن جو رت وهايو ويو هو. سندن ساٿين، شهيد ٿيل مزدورن جون رت ۾ ٻڏل قميصن کي هوا ۾ بلند ڪيو هو، اهڙيءَ ريت دنيا ۾ پهريون دفعو ڳاڙهو جهنڊو بلند ٿيو. ساڳيءَ ريت، ڄامشوري وٽ ١٩٦٧ع ۾ ٤- مارچ تي، سنڌ ۾ ٢٠٧ ڳاڙها جهنڊا بلند ٿيا هئا.

کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو، ته جيئن هو يوسف کي سمجهائين.

ان وچ ۾، اولڊ ڪئمپس ۾ اسان شاگردن کي تحريڪ لاءِ چندو ڏيڻ جي اپيل ڪئي. ايترو جوش هو سهتي پنهنجي منڊي اڇلائي ڏني. ڪنهن صاحب پنهنجي واچ ڏني. پر اهي اسان واپس ڪري ڏنيون. ڪنهن وٽ ايترو وقت هو جو بازار ۾ وڪڻي. بهرحال، سوين رپيا چندو گڏ ٿي ويو. انور ميمڻ کي فنانس ڪميٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو، پر پوءِ اهو ڪم سليم سنجرانيءَ جي حوالي ڪيو ويو.

رات جو نيو ڪئمپس ۾ جنرل باڊي ٿي، يوسف مون ۽ مجيب تقريرون ڪيون. ڪامل ۽ پرڪڙي اڃ نه آيا هئا. جنرل باڊيءَ ڪمشنر سان ملڻ جي اجازت نه ڏني. پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو، ته ڪنهن طريقي سان گورنر سان ملي حقيقت حال کان واقف ڪجي. اسانجي نوجوان ذهنن ۾ اها ڳالهه نه هئي ته گورنر ڪمشنر کان به وڏو ڏاڍيل آهي.

مواليءَ جي ڪٽي کي قاضي محمد حيات ۽ جهانگير ۽ اعجاز قريشي وارن اڄ وڏيڪ سنواريو هو، هنکي چڏي ۽ قميص پارائي وئي هئي. ڪو شاگرد پنهنجي ٽائي ڪڍي آيو. ڪٽي کي اها به ڳلي ۾ لٽڪائي وئي. هڪڙو ننڍڙو لوهلو سندس مٿي تي رکيو ويو. اڄان به شايد ڪا ڪثر رهجي وئي هئي، سو قاضي محمد حيات پاڻي جو هڪ چشمو ٺاهي کوپڻ وانگر ڪٽي جي اکين تي چاڙهي ڇڏيو: ڪير ٿي چئي سگهيو، ته هيءُ اهو ساڳيو مواليءَ وارو ڪتو آهي. ڪٽي وارو سانگ هليو پئي، ته دادوءَ جو ڊي‌سي ’آصف فصيح ورڊڪ‘ ۽ ايس پي قاضي شريف، يوسف سان ملڻ آيا. ان وقت اٽڪل رات جا ڏهه ٿيا هئا. ڊي سي يوسف کي ڪمشنر سان ڳالهيون هلائڻ لاءِ راضي ڪرڻ آيو هو، پر ناڪام ويو. يوسف کيس جنرل باڊيءَ جو فيصلو ٻڌايو. ان وچ ۾ ڪيترا شاگرد ڪٽي سميت يوسف جي ڪمري جي ٻاهران ڳالهين جي نتيجي جو اعلان ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿي ويا هئا. ڊي سي مايوس ٿي ٻاهر نڪتو ۽ ڪٽي تي نظر پيس ته ڇرجي پيو! ”کيا بدتميزی هے، آپ بيهودے هو.“ هن شاگردن کي چيو.

مهانگي پٽي هئي. ڪيس قميص ۽ پاجامو پيل هو. ”سر، هي يوسف آهي.“ جي ڊي قريشي ڪمشنر کي يوسف سان متعارف ڪرائيندي چيو. ڪمشنر پاڻ ڪان به ڇوٽي قد جي سنهڙي شڪل شاگرد کي ڏسي حيران ٿي ويو. هن سمجهيو هو، شايد يوسف ڪو ديو هوندو. هو يوسف جڏهن هٿ ملايس، ته ڪيس ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ڪنهن لوهي چنبي ۾ هٿ ڦاسي پيو آهي. ڪافي دير تائين ٻئي حريف هڪ ٻئي کي گهوريندا رهيا، نيٺ يوسف شروعات ڪئي، ”تو اسانکي هتي ڇو سڏايو آهي.“ هن نهايت رکائي سان پڇيو. ”ڏس نه يوسف،“ ڪمشنر جهڪي چيو. ”مونسان اوهان کهڙي نه حالت ڪئي آهي. سربازار مونکي ڪتو چيو اٿو. مونکي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏنيون اٿوَ. آخر آءٌ به ته انسان آهيان. ڪيستائين برداشت ڪندس؟“ شڪر ڪر جو گارين تي ڪم ٽري ويو، نه ته تو ڏوهاڙو ته سنگين ڪيو آهي، جو انهن گارين کي عملي صورت ڏجي، تڏهن به اها سزا گهٽ هجي ها.“ يوسف چيو. ”مون اهڙو ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي. مون حسن عليءَ کي ڪونه ڪڍايو آهي، حڪومت پاڻ اهڙو قدم کنيو آهي.“ مسرور صاف ڪوڙ ڳالهائيندي چيو. ”جيڪڏهن تون پنهنجو ڏوهه تسليم به نٿو ڪرين ته پوءِ پنهنجي موڪلائي آهي.“ ائين چئي يوسف اٿيو، پر ترڪ، جليل ۽ ڊي آءِ جي چمبڙي ويس، ”ويهه ويهه يوسف.“ ٽنهي گڏجي چيو ۽ هنکي زوريءَ ڪرسيءَ تي وهاري ڇڏيائون. اسان به وري ويهي رهياسون. ”چگو يلا چانهه وغيره پيو، ته پوءِ ڳالهائجي.“ ان وچ ۾ چانهه، ڪيڪ ۽ پيسٽريون اچي ويون. سيني کي پليٽون ڏنيون ويون. پر مون نه چانهه پيتي، نه پيسٽريون کاڌيون. مونکي ان چانهه مان مظلومن جي رتَ جي بوءِ آئي ۽ پيسٽرين جي بدران مونکي انسانن جي جسمن جا سلائيس رکيل نظر آيا. يوسف ۽ ٻين بهرحال چانهه چکي. ڪمشنر فارين سگريٽن جو هڪ ٽن کولي يوسف کي پيش ڪيو. يوسف هڪ سگريٽ منتخب ڪري وات تي رکيو. ڪمشنر خود به هڪ سگريٽ کنيو ۽ ٻه اسان ڏانهن وڌايائين. هن لائٽر سان يوسف جو ۽ پنهنجو سگريٽ ٻاريو. سگريٽ جو هڪ ڊگهو ڪش هڻندي

ٿيو ته ڪمشنر صبح جو ساڍي ٻارهين لڳي اولڊ ڪئمپس جي لائبريري هال ۾ خطاب ڪندو ۽ معافي وٺندو ۽ پنهنجي ڪنيل قدمن جي وضاحت ڪندو ۽ شاگردن جا مختلف مسئلا ٻڌندو حل ڪندو. ٻاهر نڪتاسين ته ڏٺوسين صبح ٿيڻ وارو هو. وري مائڪرو بس ۾ چڙهي ورياسون. مون شيشي مان آسمان ڏانهن نهاريو ته چوٿين مارچ جو سج اڀري رهيو هو. مونکي محسوس ٿيو ته اڄ اهو سج ڪجهه وڌيڪ ڳاڙهو آهي. بلڪل رت جو گولو پئي لڳو.

مائڪرو بس کان به تڪڙا منهنجا خيال ڊوڙي رهيا هئا. 'يوسف ڇا ٿو ڪرڻ چاهين!' منهنجي ذهن ۾ خيال اٿيو. 'سندس مرضي شايد هيءَ آهي ته هڪ طرف ڪمشنر کان معافي وٺائي کيس ذليل ڪجي، ته ٻئي طرف گورنر سان ملي کيس حقيقت ٻڌائجي. ڪمشنر جي خلاف ڪو قدم کڻائجي ۽ پروفيسر حسن علي کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪجي.' مون سمجهيو هو، 'پر ڇا ڪمشنر گورنر کي اڳيئي اسانجي خلاف رپورٽ ڪائي نه ڇڏيندو؟ ڇا گورنر ۽ ڪمشنر هڪ ئي مشين جا ٻه پرزا نه آهن؟ اهڙي مشين، جنهنجو ڪم رکو غريب انسانن کي ڪٽڻ، مارڻ، لٽڻ ۽ ظلم ڪرڻ هجي. ڇا گورنر ڪمشنر جي مقابلي ۾ اسانجون ڳالهيون مڃيندو! ڪمشنر يوسف کان به ڪا ڏکي ڪيڏ ته نه کيڏي رهيو آهي؟ ان ڳالهه جي ڪهڙي خاطري آهي ته هي سڀ ڪجهه گورنر جي ئي مرضيءَ مطابق نه ٿي رهيو آهي! پر جيڪڏهن واقعي يوسف جو اڇلايل ڀارو صحيح نموني ۾ ڪري، ته به ڇا مشتعل شاگرد اسانجي ڳالهه مڃي مات ڪري ويهي رهندا؟ ڪمشنر سچ پچ يونيورسٽيءَ ۾ وضاحت ڪرڻ آيو ته شاگرد کيس آرام سان تقرير ڪرڻ ڏيندا؟ امڪان انهيءَ جو هو ته ڪو جذباتي شاگرد سِرَ جو سانگو لاهي، انتقام ۾ کيس شوٽ نه ڪري وجهي. اسانجي قوم لاءِ عزت لاءِ قتل ڪا وڏي ڳالهه ته ڪانهي ۽ هيءَ ته سڄي سنڌ جي غيرت جو معاملو هو. ان حالت ۾ يوسف جي ڏنل ضمانت جو ڇا ٿيندو؟ ۽ پوءِ ڪمشنر ۽ اسان جو ردعمل ڪهڙو ٿيندو؟ شاگردن کي ايڏو گرم ڪري يڪدم سرد ڪرڻ ممڪن ڪونهي؟' مون سوچيو.

قدرت اسانجي حوالي ڪيو آهي. ڪم ڏکيو آهي، پر بهرحال سرانجام ڏنو آهي.

لغاريءَ وڏي صبر کان ڪم ورتو. سندس هردلعزيزي ڪيس ڪم آئي. تقريرون ۽ بحث ڪري نيٺ هن شاگردن کي اڏو ڪابرو قائل ڪري ورتو. ساڳيءَ طريقي سان بسن جو جلوس نڪتو ۽ شهر جا چڪر لڳائڻ لڳو. اڄ سنڌي ٻولي قومي ٻولي ۽ ون يونٽ ٽوڙيو جا نعرا لڳا. ڪي شاگرد پنهنجي جذبات تي قابو پائي نه سگهيا ۽ 'ڪتا ڪمشنر' جا نعرا به هنياءُون. طوفان تي ڀلا ڪير قابو پائي سگهيو آهي؟ پر بهرحال اڄ طوفان جي بدران جهڪ لڳي رهي هئي، ڪجهه نرمي هئي. ڪلهه وارو جوش خروش ڪونه هو. سپاهيءَ پنهنجي ڪمانڊر جو احترام ڪرڻ لڳا هئا. پر اڃان گرمي هئي، اشتعال هو.

اولڊ ڪئمپس پهتاسين. مجيب به اسان سان اچي مليو. محمد حسين ترڪ وارن ڪمشنر جي اچڻ لاءِ لائبريري هال ۾ تياريون ڪيون. ڪرسين ۽ مائڪروفون جو انتظام ڪيو ويو. سادي ٻارهين اڳي ڪمشنر جي اچڻ جو وقت هو. اسين سڀيئي شاگرد ۽ استاد وڃي لائبريريءَ ۾ ويٺاسون. ڪمشنر جو انتظار ڪيو پي ويو. محمد حسين صاحب گهڙيءَ گهڙيءَ مين گيٽ ڏانهن پي ويو، پر ڪمشنر جو ڪو پتو نشان ڪونه هو. نيٺ رجسٽرار کي ڪمشنر جي فون آئي، ته هو شاگردن کان معافي وٺڻ نه ايندو، ڇو جو شاگردن واعدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ هنن سندس خلاف شهر ۾ جلوس ڪڍيو آهي. آءٌ مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته لغاريءَ جي روڪڻ تي فقط ٿورا نعرا لڳا هئا ۽ ٽين تاريخ جي مقابلي ۾ جلوس زوردار نه هو. ان کان علاوه لغاريءَ کي شاگردن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ به ڪجهه وقت لڳي ويو. سندس ڏوهه ڪونه هو. لغاريءَ پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪري، ڪيل واعدي جي پيروي ڪئي هئي. ايتريقدر جو شاگرد لائبريري ۾ ويهي ڪمشنر جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. تنهنڪري واعدي جي ڀڃڪڙي ڪمشنر ڪئي هئي، لغاري نه ڪئي هئي، پر ڪمشنري

سهڻي پاڪٽ سلسلي جو ٻهريون ڪتاب

موجوده وقت ۾ سنڌيءَ جي سڀ
کان مشهور ڪهاڻيڪار

## آمر جليل

جي چئن چونڊ ڪهاڻين جو نئون مجموعو

# رڃ

۽ ٻيون ڪهاڻيون

ٻه رنگو ٽائيٽل، صفحا سؤ، قيمت هڪ رپيو

---

سهڻي پاڪٽ سلسلي جو ٽيو ڪتاب

# پيار جي پري

(اشاعت هيٺ)

سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار

## غلام رباني

جون چار چونڊ ڪهاڻيون

ٻه رنگو ٽائيٽل، صفحا سؤ، قيمت هڪ رپيو

## سُهڻي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ